# تجريدي نظم جو فن ۽ تاريخ

(ABSTRACT POEM: IT'S HISTORY AND WRITING TECHNIQUE)

**ABSTRACT**:

This research article explores the origins, development, and technical framework of abstract poetry, tracing its early evolution and artistic roots in 19th-century European art, particularly in painting, and later its formal emergence as a poetic form in the early twentieth century through the pioneering work of Dame Edith Sitwell. The study highlights her contributions to the genre through her poetic collections and her 1949 presentation of abstract poetry in New York, which defined the foundational structure of the form. Furthermore, the article discusses how abstract poetry defies traditional narrative and thematic constraints, instead embracing ambiguity, symbolism, and multi-dimensional meanings, where expression often diverges from intention. It also critically examines the spread and adaptation of abstract poetry in South Asia, specifically in modern Sindhi literature, where Dr. Malik Nadeem introduced the form in the late twentieth century. The article also provides a theoretical framework and stylistic principles for the composition of abstract poetry, emphasizing the importance of conceptual depth, symbolic language, and social commentary. This study thus serves as both a historical account and a creative manifesto for understanding and producing abstract poetry in contemporary literary discourse.

تجريد اڻويهين صديءَ ۾ مصوريءَ جي مضمون اندر ملي ٿي، جڏهن تہ ٻين سبجيڪٽن ۾ تجريد پهريان ئي موجود هُئي پر اُن تي ڪوئي تخليقي ۽ تنقيدي ڪم نہ ٿي سگهيو هيو. تجريد ظاهري طور رنگن، خيالن ۽ احساسن جي اڻت ۾ آڻڻ کان پهريان ۽ گهڻ احساساتي خيال کي پيش ڪرڻ کان پوءِ ظاهري معنيٰ ۾ مبهم ٿي وڃي



ٿي، جنهن کان پوءِ سڀ پڙهندڙ ۽ نقاد اُن کي تجريد چون ٿا. تجريدي شاعري جڏهن متعارف ٿي تہ اُن کان پهرين شاعرن وٽ تجريد موضوعاتي طور استعمال ٿيل هئي.

ادب ۽ سياست ۾ يورپ دنيا جو وڏو طاقتور کنڊ آهي، جنهن جا ملڪ پنهنجي رياستن سميت ٻين ازم جا شهڪار تخليقڪار آهن. يورپ ون ايڪٽ کان وٺي دنيا جي نظماڻي ۽ نثراڻي فڪر کي هڪجهڙائيءَ ۾ ڪٽي، تجريدي آرٽ کان تجريدي تخليقون پڻ تخليق ڪيون آهن، ائين ئي ننڍو کنڊ بہ پنهنجي مهارت ۾ ڪامياب ويو آهي، خاص ڪري انڊس سولائيزيشن وارو حصو پنهنجي سڃاڻپ ۽ تخليقي پورهيي ۾ نمايان آهي، جيڪو تاريخ ۾ اڄ بہ اُن گنبذ وانگر اوئين ئي بيٺو آهي جيڪو ڪروڙن سالن کان دنيا جي وڏي تخليق ۽ خطو رهيو آهي.

يورپ ۾ يونائيٽيڊ ڪنگڊم جي اوڀر ۽ ڏکڻ جي وچ ۾ ننڍڙي شهر اسڪاربرو جي هڪ ادبي گهراڻي ۾ جنم وٺندڙ ڊيم ايڊٿ سيٽويل Dame Edith Sitwell (1887ع _ 1964ع) تجريدي شاعريءَ جو بنياد ويهين صديءَ جي شروعات ۾ رکيو. جنهن ڪوڙ سارا تجريدي نظم لکيا ۽ تجريدي نظم جا اَٺَ شعري مجموعا ادبي کيتر ۾ پڻ ڏنا.

- Mother and Other Poems (1915)
- Clowns' Houses (1918)
- The Wooden Pegasus (1920)
- Façade (1922)
- Bucolic Comedies (1923)
- The Sleeping Beauty (1924)
- Troy Park (1925)
- Rustic Elegies (1927)

ڊيم ايڊٿ سيٽويل 1949ع ۾ نيو يارڪ جي هڪ تقريب ۾ تجريدي نظم جو مڪمل ڍانچو پيش ڪيو. جنهن تي اُن کي 1954ع ۾ "ڊيم" جو لقب پڻ مليو. تجريدي نظم کي ڪجهہ هن طرح استعمال ڪرڻ لاءِ ٻاهرين نقادن بيان ڪيو آهي:

"To ascribe a purpose to abstract poetry seems to miss the purpose. With each new composition, the purpose is invented anew, thus one poem could be intend to recreate the sound of a dripping tap, to explore the mundanity of domestic life, while another may attempt to mimic cannons to illustrate the horrors of war, or to invent new words to describe the uniqueness of an individual's experience of existence." (1)

ترجمو: تجريدي شاعري جي مقصد کي طئي ڪرڻ دراصل شاعريءَ جي مقصد کي نہ سمجهڻ آهي. هر نئين شاعريءَ سان نئون مقصد ايجاد ٿيندو آهي. شاعريءَ جو مقصد وهندڙ پاڻيءَ جي آواز کي وَرجائڻ ٿي سگهي ٿو. ڪڏهن گهريلو زندگي جي يڪسانيت کي ڏسي سگهي ٿو. يا توپن جي ڌماڪن ذريعي جنگ جي تباهہ ڪرڻ جي نشاندهي ڪري سگهي ٿو يا فرد جي وجود جي ناياب هجڻ لاءِ نوان لفظ ايجاد ڪرڻ ٿي سگهي ٿو.

ڊيم ايڊٿ سيٽويل جو هڪ تجريدي نظم آئون هيٺ ڏيڻ ضروري سمجهان ٿو:

## Bells Of Gray Crystal

Bells of gray crystal
Break on each bough__
The swans' breath will mist all
The cold airs now.
Like tall pagodas
Two people go,
Trail their long codas
Of talk through the snow.
Lonely are these
And lonely and I ....
The clouds, gray Chinese geese
Sleek through the sky. (ڊيم ايڊٿ سيٽويل، 2012: 7).



## سُرمئي بِلور جا گِهنڊَ!

هر تاريءَ تي ٽُٽن ٿا
آڙين جو ساهہ ڪٽڻُ سپ تي ڪوهيڙو چاڙهيندو
تڏ هاڻي اڏامي ٿي
ڊگهن پگوڊن (ٻوڌي مينارن) وانگي
ٻہ ماڻهو برف منجهان
پنهنجين ڳالهين جي
آخري مرحلي جي ٻَنَي تان وچن ٿا
اُهي اڪيلا آهن
۽ مان هيڪل
بادل، سُرمئي چيني هنجَ
آسمان وچان قطارون ڪري اڏامن ٿا.

(ترجمو: علي آڪاش)

ڊيم ايڊٿ سيٽويل جو هي تجريدي نظم مٿئين تشبيهہ تي پورو لهي ٿو. 1949ع جي اُن تقريب کان پوءِ تجريدي نظم جو رُجحان اڳتي وڌيو. جنهن کان پوءِ تجريدي شاعري اُن دؤر جي حلقن ۾ لکي وئي جنهن ۾ ڪجهہ تجريدي نظم جا ڪتاب آئون هيٺ ڏيڻ ضروري ٿو سمجهان:

1. A Collection of Contemporary and Abstract Poetry Paperback. By:MichaelSardo – (December 15, 2000)
2. Abstract Poetry Hardcover. By: Sarah Wilson – (October 8, 2002)
3. Lost My Abstract: Poetry Paperback. By: Susan Robar– (September 3, 2009)
4. Abstract Poetry Paperback. By: Scottie Waves – (April 15, 2014)

تجريدي نظم جي حوالي سان هي اُهي ڪتاب آهن. جيڪي شاعري ۾ تجريدي موضوع ۽ ٽيڪنڪ تي شهڪار لکيل آهن.

تجريدي نظم جو هيو تجربو جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ٿيو جنهن اندر تجريد جوموضوع/ ٽيڪنڪ ڪجهه نمايان انداز ۾ به ملي ٿي ۽ تجريدي نظم کي محققن نثري نظم جي نموني پيش ڪيو آهي، پر تجريدي نظم جون اسلوبي ۽ فڪري پابنديون مقرر ڪونه ٿي سگهيون آهن. ان ڪري ته گهڻ اسلوبي ۽ گهڻ فڪري هئڻ ڪري نقادن ۽ شاعرن ان تي ڪوبه قاعدو مقرر ڪونه ڪري سگهيا آهن. پر فطرت ۽ سائنس چوي ٿي ته اسلوبي قاعدي ۽ سرڪل کان سواءِ ڪابه شيءِ پيدا ڪونه ٿيندي آهي، اُن ڪري اهو چوڻ ممڪن ڪونهي ته تجريدي آرٽ/ شاعريءَ جو فن ۽ قاعدو مقرر نه ٿو ٿي سگهي:

"تجريدي نظم اصطلاحي طور ان نظم کي چئبو آهي، جنهن ۾ ڪو به موضوع اهڙي طرح بيان ڪيو وڃي، جڻ ته اهو بي ربط خيال هجي. هي هڪ راز ڀريو نثراڻو نظم هوندو آهي، جنهن ۾ بيان هڪڙو ۽ مقصد ٻيو هوندو آهي." (ملاح، 2015: 79).

هيءَ تشبيهه تجريدي نظم کي موضوعاتي طور ظاهر ڪري ٿي، اجان به آسان طريقي سان ڪجهه هن ريت به ملي ٿي:

"تجريدي شاعريءَ ۾ شين يا خيالن کي اهڙي انداز ۾ پيش ڪيو ويندو آهي جو اهي حقيقت جي ابتڙ يا غير حقيقي لڳن. يعني اهي خيالي ڳالهيون اڻ ٽيٽيون لڳن، پر اهڙن نظمن جي پس پرده ڪا نه ڪا حقيقت يا مقصد ضروري هجڻ گهرجي. تجريدي نظم کي ڳجهارت جو انداز به چئي سگهجي ٿو. جيئن ڳجهارت ظاهري صورت هڪڙي هوندي آهي، پر ان جو اندران جي پيچڻي يا اصل حقيقت لڪل هوندي آهي. ائين تجريدي نظم ۾ به اصل حقيقت نظم جي پس پرده لڪل هوندي آهي. يعني نظم جو بيان هڪڙو ۽ مقصد بلڪل جدا هوندو آهي." (ملاح، 2015: 78).

تجريدي نظم کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ويهين صديءَ جي آخر ۾ ڊاڪٽر ملڪ نديم متعارف ڪرايو جنهن تجريدي نظم به شهڪار لکيا ۽ ٽيڪنڪ جي حوالي سان پڻ پيش ڪيا، پر ٽيڪنڪ جو مڪمل ڍانچو نه ڏئي سگهيو. اُن شاه لطيف، سچل سرمست ۽ شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ تجريدي موضوع ته ظاهر ڪيا، جنهن جو پهريون تجريدي نظمن جو ڪتاب "تجريدي نظم" ڇپيو اُهو تجريدي نظم جو سنڌي ادب ۾ پهريون ڪتاب هيو ۽ نثري نظمن جي لکت واري قاعدي تي لکيل هيو. اُن مان هڪ نظم هيٺ ڏجي ٿو:



"ڪبوترن مونکي چيو:
ڪي ماڻهو ڪتي جي پُڇ ڇَٽي رهيا آهن،
مون چيو:
اهي مالڪ جي وفادارن جا به وفادار هوندا،
اهي پڪ سيئي پنهنجا سابق يار هوندا." (ملڪ، 1995: 2).
(ملڪ نديم)

تجريدي نظم کي مختلف نمونن سان نقادن پيش ڪيو آهي. ايڪويهين صديءَ ۾ تجريدي نظم ۽ نثري نظم تي مشتمل ٻيو ڪتاب "مان رقص پراڻو آهيان" حسن مجتبيٰ جو ڇپيو جنهن پنهنجي ڪتاب جي اَ مهاڳ ۾ تجريدي نظم کي ڪجه هن ريت بيان ڪيو آهي:

"تجريدي نظم Abstract Poem فني هيئت ۾ نثري نظم جو هڪ نمونو آهي. تجريد جي لغوي معنيٰ آهي "تنهائي"، تنهائي جي لغوي معنيٰ آهي "علحدگي". اهڙيون ڳالهيون جيڪي سڌيءَ ريت هوندي به ناممڪن هجن، جنهن کي ڪوبه چهرو/ تصوير نه هجي. انهن کي تجريد چئبو آهي يا اهڙو سوال جيڪو اوهان جي ذهن ۾ بنا تصوير جي اُڀري." (مجتبيٰ، 2023: 15).

"منهنجو مندر به ٺاهيندو!
مرڻو ناهيان!
هي جنم موت کان اڳ مارينديو،
جسم منهنجو هُو مٽيءَ ۾ ملائيندو
هو ته آهي مذهبي
منهنجو مندر به ٺاهيندو." (مجتبيٰ، 2023: 85).

حسن مجتبيٰ جي ڪتاب ۾ تجريدي نظم ۾ هڪ نئين اٽت به ملي ٿي، اُن وٽ تجريدي نظمن کي عنوان پڻ آهي. نثراڻي ۽ نظماڻي خيال ۾ عنوان جو هجڻ ضروري آهي، پر ملڪ نديم وٽ خاص ڪري عنوان نه آهي ۽ ملڪ نديم جي ٻئي شعري مجموعي "منهنجي جواني ڪنهن به موسم نه چورائي" ۾ تجريدي نظم کي"بد دعا نظم (تجريدي)" لکيل آهي.

**تجريدي نظم لاءِ تخليقي حوالي سان فڪري اسلوب جي پابندي ضروري آهي.**

1. فطرت معقول سائنسي خيالن جو ظاهري حيثيت جو جدا جدا اظهار لازمي آهي.
2. فطرت معقول فطرت ۽ محسوس جو اظهار سڌيءَ ريت لازمي سمجهيو ويندو.
3. انساني صفت، حيواني صفت، غير سائنسي ۽ سائنسي صفت پاڻ سماجي طور مقامي، ثقافت جي لباس ۾ پيش ڪرڻ ضروري آهي.
4. زمان، مڪان، منظر، پيش منظر کي لساني آهنگ ۾ گهٽ فڪري ۽ گهڻ نظرياتي اظهار سان آئيڊيالاجي (Idialogy) کي پيش ڪرڻ ضروري آهي.
5. خاص طور طبقاتي نظام کي طبقاتي شعور جي علم سان رد ڪرڻ جو اظهار ڪُلي طور ملي ٿو.
6. تجريدي نظم ۾ ڪنهن بہ فڪري پابندين جو مقررهجڻ تہ ضروري آهي، اڪثريت نظرين جي اڻٽت کي هڪ نظم ۾ پيش ڪرڻ فني بيهڪ آهي.
7. تجريدي آرٽ يا نظم ۾ پاپولر طبقو صفت، مفعول ۽ نظرين جي پابنديءَ اندر استحصالي طبقي جي تصورن کي عام ثقافتي فڪر جي پيرن ۾ ڏيکارڻ وارو عنصر ملي.
8. تجريدي نظم ۾ ٻوليءَ جو بيانو بہ علامت، اشارن، ڪناين، نشانين ۽ اهڃاڻي انداز ۾ پيش ڪرڻ جي پابندي رکي وئي آهي.

ملڪ نديم وٽ تجريدي نظم ۾ هڪ ٻي نواڻ ملي ٿي، جيڪا ڊيم ايبٽ سيٽويل وٽ بہ آهي، اُن وٽ تجريدي نظم سلسليوار نظم آهن. جيڪو ملڪ نديم جي ڪتاب ”منهنجي جواني ڪنهن بہ موسم نہ چورائي“ ۾ ملي ٿو پر ملڪ نديم وٽ اُن جو سلسلو وڏيڪ موضوعاتي انداز ۾ ملي ٿو.

”رف عورت.
رف ڊائري.
ڇا نظريو بہ رف ٿيندو آهي؟“
عزيز قاسماڻي (قلمي نسخو)



هن تجريدي نظم ۾ ڪماليات آهي، ان نظم ۾ تجريدي ٽيڪنڪ سان سوال پڻ اٿاريل آهي، جيڪا ٽيڪنڪ ڊيم ايبٽ ۽ ملڪ نديم وٽ بہ ڪونهي، اُها ٽيڪنڪ عزيز قاسماڻي وٽ ملي ٿي، پر عزيز قاسماڻي وٽ تجريدي نظم کي عنوان ڪونهي،حسن مجتبيٰ اُن کي سولي تشبيه سان عنوان ڏئي لکيو آهي تہ:

”سوال؟
ٻار کي جنم ڏيندي،
ماءُ مري ٿي وڃي.
ان ٻار جي جنت!
ڪنهن جي پيرن ۾ آهي؟“ (مجتبيٰ، 2023: 90).

نظم جي اندر اڪثر عنوان ملن ٿا، پر ڪن تخليقڪارن بنا عنوان جي بہ لکيا آهن، هي تجريدي نظم پنهنجي ٽيڪنڪ ۾ پورو لهي ٿو.شاھ لطيف سميت هر تخليقڪار وٽ تجريدي موضوع ملي ٿو پر ٽيڪنڪ جي حوالي سان گهٽ تجربا ملن ٿا.

”اڪين جو گروپ

چپن جي مرڪ سميت
هن جي اڪين جو گروپ
شرارتي پازيٽو هيو
هن جي روڊ تي ايندي
ماڻهن کي خون جي
اشد ضرورت پوندي هئي،
۽جلدي جلدي
پيار جي اسپتالن جو
رخ ڪندا هئا،
سماج سدائين ريٽ سان
ڳالهائيندو آهي،
هڪ ڏينهن مان بہ اڌارا پئسا وٺي

هن سان ريٽ ڳالهائڻ جي
ڪوشش ڪيم تہ
ڳل تي هڪ اعزازي ٿڦڙ نصيب ٿي،
هاڻي هن جي اکين جو گروپ
شرارتي نيگيٽو ٿي ويو آهي!“
عبدالله چانڊيو (قلمي نسخو)

يا وري ملڪ نديم جو هي تجريدي نظم
”سرڪاري ادبي ڪانفرنس
هي ٻڙ جا وڻ،
يا ڪانڊيرن جا ڏڻ،
فنتاز ۾ گل ڪائين ٿا.
پوءِ ڪيئن ڪائيندا
ريگستان جي واري
رڪ رڙڪڻ تہ
وڏي ڳاله آهي.“ (ملڪ، 1995: 47).
ملڪ نديم

ويهين صديءَ جي سنڌي ادب ۾ تجريدي نظم تي جڻ تجربو ئي ڪونہ ٿيو هيو بس اُن کي آغاز ڏنو ويو هو. هڪ ئي شاعر ملڪ نديم هيو جنهن اُن کي سڄاڻپ طور ظاهر ڪيو جنهن کي ايڪويهين صديءَ جي تمام نقادن ڪونہ قبوليو شروع ۾ اُن تي مائڪرو ڪهاڻي وانگر پابندي مڙهي وئي، پوءِ بہ نہ هئڻ جيتري سينيئرن لکيو ۽ قبوليو. وري بہ ان کي ايڪويهين صديءَ ۾ چند نوجوانن قبوليو ۽ اُن تي تجربا پڻ ڪيا وڃن ٿا.

ايڪويهين صديءَ ۾ تجريدي نظم جا سينيئر ۽ سڪندڙ نوجوان تمام گهٽ تخليقڪار آهن. جنهن ۾ عزيز قاسماڻي، ظفر عباسي، عرفان لنڊُ، عبدالله چانڊيو مختيار سهتو جي ايم لاڙڪ، تصور ابڙو عباس ڪوريجو سڪندر مهراڻ، ڊاڪٽر



امداد شيخ، فقير محمد سنڌي ۽ حسن مجتبيٰ، هي اُهي تخليقڪار آهن جن پنهنجي تخليق کي تجريدي نظم جي ٽيڪنڪ هيٺ رچيو باقي موضوعاتي طور تجريدهر تخليق ڪندڙ وٽ ملي ٿو.

### حوالا

آڪاش،علي. قلمي نسخو
چانڊيو عبدالله. قلمي نسخو.
قاسماڻي،عزيز. قلمي نسخو.
مجتبيٰ، حسن. (2023). مان رقص پراڻو آهيان. ڪراچي، سنڌ: مرڪ پبليڪيشن
نديم، ملڪ.(1995). تجريدي نظم. ذاتي طور ڇپيل.
https://thanetwriters.com/essay/form/what_is_abstract_poetry/_
https://www.poemhunter.com/i/ebooks/pdf/dame_edith_louisa_sitwell_2012_7.pdf